قرآني بيان

# نقصان ڪندڙ ماڻهو

(سيپارو: 1، سوره بقرة: 27)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

31، آڪٽوبر، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 8: جمادي الاولى1447،هه)

## جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
31 آڪٽوبر 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 8: جمادي الاولي 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان
بنام

(سيپارو:1، سوره بقرة: 27)

# نقصان ڪٽندڙ ماڻھو

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ…

- … پلائي ڪان خالي ماڻھو
- … جانور لعنت موڪليندا آهن....!!
- … تعلقات ٽوڙڻ جي سزا
- … صلهءِ رحمي جا 10 فائدا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دروِدِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سمره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسين دربارِ رسالت ۾ حاضر هئاسين تہ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي ويجهو ڪهڙا عمل آهن؟ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ. عرض ڪيو ويو: وڌيڪ ڪجهہ ارشاد فرمايو! فرمايائون: تهجد جي نماز ۽ گرمين جا روزا. عرض ڪيو ويو: حضور ڪجهہ وڌيڪ ارشاد فرمايو! فرمايائون: ذڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ تنگدستي کي دور ڪندو آهي.(1)

گر پڙھیں صدقِ دل سے، کافی ہے | جملہ حاجات کو درود شریف
پائیں گے چار پشت تک برکت | دل سے بھیجیں گے جو درود شریف (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

اَلَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۪ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۲۷﴾ (سيپارو: 1، سورت بقره: 27)

---

1... القول البديع، الباب الثانی من ثواب الصلاة علی رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم...الخ، صفحہ:135۔

2... نورِ ایمان، صفحہ:39۔

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورت بقره جي آيت: 27 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ان کان اڳئين آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو ھو تہ قرآنِ ڪريم مان، قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيل مثالن مان ھر ڪو ھدايت نٿو حاصل ڪري. ڪيترائي ماڻھو قرآني مثال پڙھي اُبتو گمراھي ۾ وڌي ويندا آھن. اھي ڪھڙا ماڻھو آھن جيڪي اھڙي بلند مرتبہ ڪتابِ ھدايت مان بہ ھدايت نٿا وني سگھن؟ ھن آيتِ ڪريمہ ۾ اھڙن بدبخت ماڻھن جا 3 عيب بيان ڪيا وڃن پيا.

ان کان اڳ جو اسين آيتِ ڪريمہ جي وضاحت ٻڌون، اسان کي ھڪ ڳالھہ ياد رکڻي گھرجي تہ اھي 3 عيب معمولي نہ آھن بلڪ اھڙا خطرناڪ عيب آھن جو جنھن ۾ اھي لڌا وڃن، (1): تہ پھرين نمبر تي اھو ٻانھو قرآنِ ڪريم جھڙي ڪتابِ ھدايت مان ھدايت نٿو حاصل ڪري، ابتو گمراھي ۾ وڌي ويندو آھي ۽ (2): ٻئي نمبر تي اھڙو ماڻھو اللہ پاڪ جي رحمت کان محروم ۽ سخت نقصان ڪٽندڙ بہ آھي. ان ڪري قرآن ڪريم جي روشني ۾ اسان کي انھن 3 عيبن کي توجھہ سان ٻڌڻو بہ آھي ۽ ساڳئي وقت اھو پڪو ارادو بہ ڪرڻو آھي تہ اسين انھن 3 عيبن کان ھميشہ بچندا رھون. اچو! قرآني آيت ٻڌڻ ۽ ان کي سمجھڻ جي سعادت حاصل ڪريون:

## آيتِ ڪريمہ جي مختصر وضاحت

اللہ پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَلَّذِیْنَ یَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِیْثَاقِهٖ۪ | ترجموڪنزُالعرفان: اهي ماڻهو جيڪي الله جي واعدي کي پڪو ٿيڻ کان پوءِ ٽوڙي ڇڏين ٿا. |

(1): هي پهريون عيب آهي: الله پاڪ سان وعدو ڪري ٽوڙي ڇڏڻ. الله پاڪ جو وعدو ڇا آهي؟ ان کي ٽوڙڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جي هڪ معنيٰ علماءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهِم بيان فرمائي ته الله پاڪ جي وعدي مان مراد آهي: ان جا احڪام ۽ ان وعدي کي ٽوڙڻ جو مطلب آهي: الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ.[1] مثلاً الله پاڪ نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي ته نماز نه پڙهڻ، الله پاڪ روزو رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ته روزو نه رکڻ، اهڙيءَ طرح ٻيا جيترا به احڪام اسان کي ڏنا ويا، انهن کي ادا نه ڪرڻ، جيترين ڳالهين کان اسان کي منع ڪيو ويو، انهن کان نه رڪجڻ الله پاڪ سان ڪيل وعدي کي ٽوڙڻ آهي. وڌيڪ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَیَقْطَعُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ یُّوْصَلَ | ترجموڪنزُالعرفان: ان شيءِ کي ڪَٽن ٿا جنهن جي جوڙڻ جو الله حڪم ڏنو آهي. |

(2): هي ٻيو عيب آهي: هر اهو رشتو، هر اهو تعلق جنهن کي الله پاڪ جوڙڻ جو حڪم ڏنو آهي، ان کي ٽوڙي ڇڏڻ.[2] مثلاً اسان کي والدين سان رشتو نڀائڻ جو حڪم آهي، والدين سان تعلق ٽوڙڻ، ڀيڻ ڀائرن سان نيڪ سلوڪ جو حڪم آهي، انهن سان تعلق ٽوڙڻ، ٻيا عزيز رشتيدار مثلاً چاچو، ڦڦي، ماسي وغيره سان تعلق نڀائڻ جو حڪم آهي، انهن سان قطع رحمي ڪرڻ وغيره سڀ ان ۾ شامل آهن.

---

1...تفسير طبری، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:27، جلد:1، صفحه:219 خلاصةً۔
2... تفسير طبری، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:27، جلد:1، صفحه:221-222 خلاصةً۔

۽ ٽيون عيب آهي:

وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ زمين ۾ فساد پکيڙين ٿا؟

زمين ۾ فساد پکيڙڻ جون مختلف صورتون آهن، مختصر اهو ته هر اهو عمل، هر اهو ڪم، ڪلام، حرڪت جيڪا اسان جي گهر ۾، گهٽيءَ ۾، محلي ۾، معاشري ۾ بگاڙ جو سبب بڻجي، اهڙا ڪم ڪرڻ زمين ۾ فساد پکيڙڻ ۾ شامل آهن. مثلاً ❁ ڪو شخص اعلانيہ گناهه ڪري ٿو، ان کي ڏسي ٻيا ماڻهو بہ ان جي نقل ڪن ٿا، هي بہ زمين ۾ فساد جي هڪ صورت آهي تہ ان جي سبب سان ماڻهو گناهن جي طرف مائل ٿيا ❁ اهڙي طرح اسلام جي خلاف ڳالهين جي تبليغ ڪرڻ ❁ سوشل ميڊيا جي ذريعي، يوٽيوب، واٽس ايپ يا فيس بڪ وغيره جي ذريعي ماڻهن کي گناهن تي اڀارڻ ❁ ذهنن ۾ فتور پرڻ ❁ ماڻهن کي الله ۽ رسول جو نافرمان بڻائڻ ❁ نبيَن، ولين جي بي ادبي تي اڀارڻ ❁ قتل و غارت، ظلم و جبر وغيره ڪرڻ يا ❁ ان جي ترغيب ڏيارڻ وغيره سڀ زمين ۾ فساد پکيڙڻ جون صورتون آهن.

هي ڪل 3 عيب ٿيا: **(1):** الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ **(2):** قطع رحمي ڪرڻ (يعني عزيز رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ) **(3):** زمين ۾ فساد پکيڙڻ. جنهن ٻانهي ۾ هي 3 عيب هجن، ان جي هڪ سزا تہ اها ٿي تہ اهڙو بيچڙو شخص گمراهي ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ ٻي سزا اها تہ

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۲۷﴾ | ترجمو ڪنزُ العرفان: سو اهي ئي ماڻهو نقصان ڪٽڻ وارا آهن.

خاسر جي لفظي معنيٰ آهي: نقصان ڪٽندڙ. اهو ٻانهو جيڪو پنهنجي عملن

جي ڪري پنهنجو پاڻ کي الله پاڪ جي رحمت کان محروم ڪري وٺي، ان کي خاسر يعني نقصان ڪٽندڙ چوندا آهن. [1] هي تمام وڏي محرومي آهي. اوهين اندازو لڳايو! الله پاڪ رحمان آهي، رحيم آهي، ڪريم آهي، نهايت ئي مهربان آهي، حديثِ پاڪ جي مطابق الله پاڪ جون 100 رحمتون آهن، انهن مان صرف هڪ رحمت جو ظهور هن دنيا ۾ آهي. ماءُ پنهنجي ٻارن سان، پيءُ پنهنجي اولاد سان، ڀاءُ، ڀيڻ، عزيز رشتيدار پاڻ ۾ ايستائين جو ننڍڙي جهرڪي پنهنجي ننڍڙن ٻچن سان جيڪا محبت ڪري ٿي، اها الله پاڪ جي ان ئي هڪ رحمت جي سبب سان آهي ۽ روزِ قيامت الله پاڪ جي 100 جي 100 رحمتن جو ظهور ٿيندو. [2] ايتريون گهڻيون رحمتون هوندي به جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي رحمت کان محروم ٿي وڃي، جهنم جو حقدار ٻڻجي وڃي، اهو ڪيترو نقصان ڪٽندڙ آهي.

جنهن کي الله پاڪ جي ئي رحمت نصيب نہ ٿئي، ان کي ٻيو ڪٿي پناهہ ملندي؟ اهو ڪيئن پنهنجو پاڻ کي دنيا جي ذلت ۽ آخرت جي عذاب کان بچائي سگهندو؟ ان ڪري جيڪو خاسر آهي، اهو تمام گهڻي نقصان ۾ آهي ۽ اهڙي شخص جي حيثيت ڇا هوندي آهي؟ ان بابت هڪ روايت ٻڌو!

## ٻلائي کان خالي ماڻهو

حضرت سعيد بن جبير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ دفعو بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي عرض ڪيو: جڏهن الله پاڪ مخلوق کي پيدا فرمايو آهي تہ پوءِ انهن کي عذاب ڇو ڏيندو؟

1...تفسیر طبری، پارہ:1، البقرۃ، زیرِ آیت:27، جلد:1، صفحہ:222۔
2... مسلم، کتاب التوبۃ، باب فی سعۃ رحمۃ اللہ تعالی...الخ، صفحہ:1056، حدیث:2752۔

(هي تمام اهم سوال آهي، اسان وٽ بہ ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن اهڙا سوال ڪندا آهن تہ جڏهن اللّٰہ پاڪ رحمان آهي، ماءُ کان وڌيڪ مهربان آهي تہ پنهنجي ٻانهن کي عذاب ڇو فرمائيندو؟ هن سوال جو جواب پڙهو!) جڏهن بني اسرائيل سوال ڪيو تہ اللّٰہ پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي، فرمايو: اي موسيٰ! ٻني پوکي ڪر! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻني پوکي ڪيو (مثلاً ڪڻڪ پوکي). اللّٰہ پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! هاڻي ان کي لُڻ! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام لاپارو ڪري ڇڏيو. هاڻي حڪم ٿيو: اَنُ ۽ ٻوٽہ الڳ الڳ ڪر! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هي حڪم بہ پورو ڪيو. هاڻي ارشاد ٿيو: اَنُ صاف ڪر! اَنُ صاف ڪيو ويو. هاڻي اللّٰہ پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! باقي ڇا رهجي ويو؟ عرض ڪيائون: خالي ٻُوٽہ رهجي ويو، جنهن ۾ ڪجهہ بہ ڀلائي نہ هئي. اللّٰہ پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! اهڙيءَ طرح مان بہ پنهنجي مخلوق مان صرف ان کي ئي عذاب ڏيندس جنهن ۾ ڪجهہ بہ ڀلائي نہ هوندي. [(1)]

اللّٰہ اڪبر! هي آهي خاسر ٻانهو، نقصان ڪٽندڙ ٻانهو، اللّٰہ پاڪ جي رحمت کان محروم ٻانهو...!! ان جي حيثيت ڇا آهي؟ هي خالي ٻُوٽہ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪا بہ ڀلائي ناهي. اللّٰہ پاڪ اسان کي اهڙي خساري کان محفوظ رکي! 3 عيب آهن جيڪي انسان کي اهڙو بي وقعت بڻائي ڇڏيندا آهن:

## (1): اللّٰہ پاڪ جي نافرماني

**پهريون عيب آهي:** اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪرڻ، ان جيڪو ڪرڻ جو حڪم ڏنو، اهو نہ ڪرڻ، جيڪو نہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، انهن ڪمن ۾ پئجي وڃڻ.

---

1...حلية الاولياء، سعيد بن جبير، جلد:4، صفحه:316، رقم:5701۔

ياد رکو! **الله ۽ رسول جي نافرماني ذلّت ۽ رسوائي جو سبب آهي**، جيڪو ٻانهو الله پاڪ جون نافرمانيون ڪندو رهندو آهي، توبهہ نہ ڪندو آهي، الله پاڪ جي طرف رجوع نہ ڪندو آهي، اهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ذليل و رسوا ٿي ويندو آهي ۽ بارگاهہ الٰهي ۾ ان جي ڪا بہ عزت باقي ناهي رهندي ۽ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ذليل و رسوا ٿي وڃي، جنهن جي بارگاهِ الٰهي ۾ ڪا بہ عزت نہ رهي، ان کي ڪٿي عزت ناهي ملندي. سيپارو: 17، سورت حج، آيت:18 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ؕ (سيپارو: 17، الحج: 18) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جنهن کي الله ذليل ڪري تہ ان کي ڪو عزت ڏيڻ وارو نہ آهي |

**تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي:** معلوم ٿيو تہ عزّت و ناموَري ڪنهن قوم يا فرد جي ميراث ناهي تہ ڪو ٻانهو چاهي ڪيئن بہ ڪارا ڪرتوت ڪندو وتي، پنهنجو اعمال نامو گناهن سان ڀري، ان جو ڪردار نافرمانين سان داغدار هجي، ان جي باوجود اهو عزت سان ئي زندگي گذاريندو... نہ! نہ! ائين ناهي بلڪ جيڪو پنهنجي اخلاق و ڪردار سان، نيڪ عملن سان، خير خواهي ۽ همدردي سان پنهنجو پاڻ کي عزت جو حقدار ثابت ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي عزت ڏيندو آهي ۽ جيڪو مسلسل نافرمانين ۾ مبتلا رهندو آهي، اهو ذلت جي گندي کڏ ۾ اڇلايو ويندو آهي. (1)

## جانور لعنت موڪلين ٿا....!!

حضرت مجاهد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن ڏڪار شدت اختيار ڪري وٺندو آهي، برساتون رڪجي وينديون آهن تہ جانور نافرمانن تي لعنت موڪليندا

1...تفسير صراط الجنان، پاره:17، سورة حج، زيرآيت:18، جلد:6، صفحه:418۔

آهن ۽ چوندا آهن: هي ڏڪار انسان جي گناهن جي ڪري آهي.[(1)]

الله اڪبر! اي عاشق رسول! غور فرمايو! ان ڪان وڏيڪ ذلت ڇا هوندي ته انسان اشرفُ المخلوقات آهي پر جڏهن هي گناهه ڪندو آهي، ان جون نافرمانيون حد ڪان وڌنديون آهن ته جانور جيڪي انسان ڪان ڪيترائي درجا گهٽ آهن، اهي به انسان کي برو ڀلو چوندا آهن. معلوم ٿيو: جيڪو نافرمان آهي، **اهو پنهنجي فضيلت وڃائي ويهندو آهي ۽ انسانيت جي درجي کان ڪِري ذلت جي گندي کڏ ۾ وڃي پوندو آهي.**

## نافرمان تي الله پاڪ جي لعنت

حضرت وهب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه ڪان روايت آهي، الله پاڪ بني اسرائيل جي نبين مان ڪنهن نبي عَلَیۡهِ السَّلَام جي طرف وحي فرمائي: ۽انهو جڏهن منهنجي اطاعت ڪندو آهي ته مان ان سان راضي ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن مان ان سان راضي ٿي ويندو آهيان ته ان کي برڪتون عطا فرمائيندو آهيان. جڏهن ۽انهو منهنجي نافرماني ڪندو آهي ته مان ان سان ناراض ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن مان ان سان ناراض ٿي ويندو آهيان ته ان تي لعنت وسائيندو آهيان ۽ منهنجي لعنت ان جي 7 نسلن تائين پهچندي آهي.[(2)]

| | |
|---|---|
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِجَہنّم میں جلوں گا یَارَبّ! |
| عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہوجا | گر کرم کر دے تَو جنّت میں رہوں گا یَارَبّ![(3)] |

## ڏليون ابتيون ڪيون ويندڀون آهن

اي عاشقِ رسول! الله پاڪ جو فضل آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم آهي ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...تفسیرِ بغوی، پارہ:2، سورۂ بقرہ، زیرآیت:159، جلد:1، صفحہ:130۔
2...الزھد لامام احمد، زہدنوح عَلَیۡہِ السَّلام ، صفحہ:81، حدیث:289۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:85ملتقطاً۔

جي صدقي ۾ سندن امت کي رسوا ناهي ڪندو، اسين گناهه بہ ڪندا آهيون تہ اسان تي پهرين قومن وانگر اجتماعي عذاب ناهن ايندا، اسان جا چهرا ناهن بگاڙيا ويندا، هن اُمت کي پهرين اُمتن وانگر پولو ۽ خنزير نٿو بڻايو وڃي پر ياد رکجو! الله پاڪ جي نافرماني جو نتيجو تہ بهرحال نڪرندو ئي آهي. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: گذريل امتن جو عذاب جسماني خسف و مسخ هو (يعني پهريون امتون نافرمانيون ڪنديون هيون تہ انهن کي زمين ۾ ڌپايو ويندو هو، انهن جا چهرا بگاڙيا ويندا هئا، ڪو پولو بڻجي ويندو هو، ڪو خنزير بڻجي ويندو هو) پر هن امت جو عذاب روحاني خسف و مسخ آهي، پهريان جسم بدلجندا هئا، هاڻي دليون بدلجي ونديون آهن.[1] الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ نُقَلِّبُ اَفۡـِٕدَتَهُمۡ وَ اَبۡصَارَهُمۡ<br>(سيپارو: 7، الاِنعام: 110) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اسان انهن جي دلين ۽ اکين کي ڦيري ڇڏينداسين. |

الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ جي پناهہ! پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ غور فرمايو! جنهن ٻانهي تي الله پاڪ جي لعنت وسي رهي هجي، جنهن لاءِ جانور بہ لعنت وسڻ جون دعائون ڪري رهيا هجن، جنهن جي دل ئي اُبتي ڪئي وئي هجي، اهڙو شخص دنيا جي ذلت ۽ آخرت جي عذاب کان ڪيئن بچي سگهندو؟ ان جي دل ۾ علم و حڪمت جو نور ڪيئن سمائجي سگهندو؟ ان ڪري اسان سڀني تي لازم آهي تہ اسين گناهن کان، الله پاڪ جي نافرمانين کان، نمازون ڇڏڻ، لاڳيتو جماعت ترڪ ڪرڻ، سودي لين دين، ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي وغيره گناهن کان هر گهڙي بچندا رهون، ان جي برڪت سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دل ۾ ايمان جو نور لهندو، سينو

1...تفسيرِ نعيمى، پاره:1، سورۂ بقره، زيرِآيت:66، جلد:1، صفحه:454۔

روشن ٿيندو، پوءِ اللہ پاڪ چاهيو تہ سجدن ۾ لذت بہ ايندي ۽ تلاوت ۾ دل بہ لڳندي رهندي. ان ڪري اڄ وقت آهي، سنو اهو ئي آهي تہ اڄ بلڪ هاڻي سچي پڪي توبهہ ڪري وٺون، گناهہ ڇڏي ڏيون ۽ پڪي نيت ڪري وٺون تہ ❁ هاڻي ڪڏهن بہ گناهہ نہ ڪنداسين ❁ هاڻي اسان جي ڪا بہ نماز قضا نہ ٿيندي ❁رمضان المبارڪ جا روزا بہ پورا رکنداسين ❁ زڪوات فرض ٿيندي آهي تہ اها بہ پوري پوري ادا ڪري ڇڏينداسين ❁ چهري تي سنت مصطفيٰ بلڪ سنت انبياءِ يعني ڏاڙهي شريف بہ پوري هڪ مٺ سجائينداسين ❁ فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا ٻڌڻ جي بجاءِ مدني چينل جا علم دين سان ڀرپور پروگرام ڏسندا رهنداسين ❁ نعتون ٻڌندا رهنداسين ❁ تلاوت ڪندا ۽ ٻڌندا رهنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## توبهہ ۽ استغفار سان زندگي جو ذريعو آهن

اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّ اَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْۤا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ يُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ﴿۳﴾

(سيپارو: 11، هود: 3)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هي تہ پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان جي طرف توبهہ ڪيو تہ اهو توهان کي هڪ مقرر مدت تائين تمام سنو فائدو ڏيندو ۽ هر فضيلت واري کي پنهنجو فضل عطا ڪندو ۽ جيڪڏهن توهان منهن ڦيريو تہ مان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف ڪيان ٿو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ فرمايو ويو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي حڪم ڏين تہ اي انسانو! پنهنجي گذريل گناهن جي معافي گهرو

۽ آينده گناھ ڪرڻ کان توبھ ڪريو! جنھن پنھنجي گناھن کان پڪي توبھ ڪئي ۽ اخلاص سان پنھنجي رب ڪريم جو عبادت گذار ٻانھو بڻجي ويو تہ الله پاڪ ان کي ڪثير رزق ۽ وسعت عيش عطا فرمائيندو ۽ ھو امن ۽ راحت واري زندگي گذاريندو، ان سان الله پاڪ راضي ٿيندو. ۽ جيڪو توبھ نہ ڪري، ڪفر ۽ گناھن تي قائم رھي تہ ھو خوف واري زندگي گذاريندو، بيمارين ۾ مبتلا رھندو ۽ ان کي الله پاڪ جي ناراضگي بہ ڏسڻي پوندو، جيتوڻيڪ دنيا ۾ ان کي لذتون ملي بہ وڃن، تڏھن بہ ان عيش ۾ ڪا بہ ڀلائي ناھي جنھن کان پوءِ جھنم ھجي.[1]

گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد | مُعاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یارب
میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں | حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یارب[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): قطع تعلقي خراب عيب آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! ھيو عيب جيڪو انسان کي رحمت کان محروم ۽ بلڪل بي قدر بڻائي ڇڏيندو آھي، اھو آھي قطع تعلقي يعني رشتا ٽوڙڻ. اڄڪلھ ماڻھو ڳالھ ڳالھ تي تعلقات ٽوڙي ڇڏيندا آھن، فلاڻي پٽ جي شادي تي نہ گھرايو، لھذا ان سان مرڻ جيئڻ ختم...!! فلاڻي گھر گھرائي خاطر خواہ عزت نہ ڏني، تنھنڪري اڄ کان ان سان اسان جو ڪو بہ تعلق ناھي، فلاڻي رشتيدار منھنجي دڪان جي بجاءِ پرسان واري دڪان تان سودو خريد ڪيو، تنھنڪري ان سان ڳالھ ٻولھ بند، بلڪل ننڍڙين ننڍڙين ڳالھين تي مرڻ

1...تفسير صراط الجنان، پاره:11، سورۂ ھُوْد، زيرِ آيت:3، جلد:4، صفحہ:393۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:78۔

جيئڻ ختم ڪيو (يعني رشتو ٽوڙيو) پيو وڃي حالانڪ جن رشتيدارن سان صلہ رحمي جو حڪم آهي يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آهي، انهن سان رشتو ٽوڙي ڇڏڻ، سخت گناهه جو ڪم آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو رشتا ٽوڙيندو، الله پاڪ ان کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي.(1)

## لاڳاپا ٽوڙڻ جي سزا

حضرت يحيٰ بن سليم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص جيڪو خراسان (موجوده ايران جي هڪ صوبي) جو رهاڪو هو ۽ هن مڪ مڪرمہ ۾ رهائش اختيار ڪري رکي هئي، ماڻهو ان وٽ پنهنجون اَمانتون رکندا هئا، هڪ شخص ان وٽ 10 هزار اشرفيون امانت رکرائي پنهنجي ڪنهن ضرورت سان سفر تي هليو ويو، جڏهن هو واپس آيو تہ خراساني فوت ٿي چڪو هو، ان جي اهل و عيال کان پنهنجي امانت جو حال پڇيو: تہ انهن لاعلمي ظاهر ڪئي، امانت رکڻ واري علماءِ ڪرام کان پڇيو تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهن چيو: اسان اميد ڪريون ٿا تہ اهو خراساني جنتي هوندو، توهان ائين ڪريو جو اڌ يا ٽيون حصو رات گذرڻ کان پوءِ زمزم جي کوهہ تي وڃي ان جو نالو وٺي آواز ڏيو ۽ ان کان پڇو. هن 3 راتيون ائين ئي ڪيو، اتان ڪو بہ جواب نہ مليو، هن وري وڃي علماءِ ڪرام کي ٻڌايو، انهن اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡن پڙهي چيو: اسان کي ڊپ آهي تہ اهو شايد جنتي نہ هجي توهان يمن هليا وڃو اتي برهوت نالي وادي ۾ هڪ کوهہ آهي، ان تي پهچي اهڙي طرح آواز ڏيو، هن ائين ئي ڪيو تہ پهرين ئي آواز ۾ جواب مليو تہ مون توهان جي امانت گهر ۾ فلاڻي جاءِ تي دفن ڪئي آهي، ان جاءِ کي کوٽي وٺو توهان کي توهان

1...ابو داؤد، ڪتاب الزڪاة، باب صلة الرحم، صفحہ:276، حديث:1694 خلاصةً۔

جو مال ملي ويندو. مال جو پتو معلوم ڪرڻ کان پوءِ امانت رکڻ واري ان خراساني کان پڇيو: تون تہ تمام نيڪ آدمي هئين تہ هتي ڪيئن پهچي وئين؟ ان چيو: منهنجا ڪجهہ رشتيدار خراسان ۾ هئا جن سان مون قطع تعلق ڪري (يعني رشتو ٽوڙي) رکيو هو اهڙي حالت ۾ منهنجو موت اچي ويو ان سبب سان الله پاڪ مون کي هي سزا ڏني ۽ هن مقام تي پهچائي ڇڏيو. (1)

## هٿوهٿ پڦي سان صلح ڪري ڇڏي

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن. پاڻ ماڻهن کي درس ڏيندا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ ماڻهن کي حديثون ٻڌائي رهيا هئا، ان دوران فرمايائون: هر قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙيندڙ) اسان جي محفل مان اٿي وڃي. هي اعلان ٻڌي هڪ نوجوان اٿيو ۽ پنهنجي پڦي جنهن سان ان جو ڪيترن ئي سالن کان پراڻو جهيڙو هلي رهيو هو، ان جي گهر هليو ويو، وڃي معافي تلافي ڪئي، پڦي کي راضي ڪري ورتو. جڏهن ٻئي پاڻ ۾ راضي ٿي ويا تہ پڦي چيو: پٽ! تون وڃي حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان سبب پڇو تہ آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اعلان جي حڪمت ڇا آهي؟) نوجوان حاضر ٿي حڪمت پڇي تہ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙيندڙ) هجي، ان قوم تي الله پاڪ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي. (2)

1...تنبيہ الغافلين، باب صلة الرحم، صفحہ:73-74 خلاصۃً۔
2...الادب المفرد، باب بر الاقرب فالاقرب، صفحہ:31، حديث:61 خلاصۃً۔

## رشتا ٽوڙيندڙ جي نحوست

الله! الله! غور فرمايو! صحابيءِ رسول آهن، ماڻهن جي وچ ۾ ويٺا آهن ۽ بيان ڇا پيا ڪن؟ رحمتِ دوجهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ حديثون...!! اهڙي محفل تي به رحمتون نازل نه ٿينديون ته پوءِ ڪٿي نازل ٿينديون؟ پر حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي خطرو ٿيو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو هن محفل ۾ ڪو قاطع رحم (يعني رشتا ٽوڙيندڙ) هجي ۽ اسين ان جي سبب رحمت کان محروم ٿي وڃون...!!

هي آهي قاطعِ رحم (يعني رشتو ٽوڙيندڙ) جي نَحُوسَت...!! هتي غور فرمايو ته جنهن گهر ۾ قاطع رحم هجي، جنهن گهٽي، جنهن پاڙي ۾ رهندو هجي، ان گهر، ان گهٽي ۽ محلي تي رحمتون ڪيئن نازل ٿينديون...؟ ۽ جيڪو پاڻ قاطعِ رحم آهي ان جي دل ۾ رحمت ڀريو ڪلام قرآن ڪريم ڪيئن سمائجي سگهندو؟ ان ڪري اسان سڀني تي لازم آهي ته اسين قطع رحمي کان سچي پڪي توبهه ڪريون، ڪنهن رشتيدار سان ڪنهن به دنياوي سبب سان ناراضگي هلي رهي آهي ته اڄ ئي انهن جي گهر وڃي، نه ٿي سگهي ته فون ڪري يا ڪنهن به طرح انهن سان صلح جي ڪا صورت ڪڍي وٺون. صلح ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي جيڪا رڪاوٽ آهي، اها اسان جي انا آهي. هن انا کي هڪ طرف رکي ڇڏيو! توهان جي غلطي ناهي، ڪا ڳالهه ناهي پوءِ به جهڪي وڃو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب ملندو.

## حق تي هوندي جهيڙو ڇڏڻ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو حق تي هوندي به جهيڙو ختم ڪري، مان ان لاءِ جنت جي ڪناري هڪ گهر جي ضمانت ڏيان ٿو.[1]

---

1...ابو داؤد، کتاب الادب، باب فی حسن الخلق، صفحہ:755، حدیث:4800۔

## فلاڻي مون سان تمام گهڻي زيادتي ڪئي آهي

جڏهن رشتا قائم ڪرڻ، جهيڙا ۽ ناراضيون ختم ڪرڻ جي ڳالهہ ٿيندي آهي تہ عام طور تي ماڻهو شڪايتون ڪندا آهن تہ فلاڻي مون سان ائين ڪيو، هن مون ڪي هي ڏک پهچايو، اهو ظلم ڪيو، مان اهي ڏک ڪيئن وساريان، ان کي ڪيئن معاف ڪيان؟ اهڙن اسلامي ڀائرن کان هڪ سوال آهي؟ توهان جي قول مطابق فلاڻي توهان سان وڏو ظلم ڪيو آهي، گهڻيون زيادتيون ڪيون آهن، ٿورو ٻڌايو! ڇا هن توهان کي کوهہ ۾ وڌو آهي؟ ڇا ان جي ڪري توهان پنهنجي والدين کان پري ٿيا آهيو؟ ڇا ان جي ڪري توهان کي بازار ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي؟ ڇا ان جي ڪري توهان کي ناحق جيل ڪاٽڻو پيو آهي؟ هي سڀ ڪجهہ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀائرن انهن سان ڪيو هو. ان جي باوجود جڏهن اهي ڀائر حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون آيا تہ پاڻ ڇا فرمايو هو؟

قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ
(سيپارو: 13، يوسف: 92)

**ترجمو ڪنزُ العرفان:** اڄ توهان تي ڪا ملامت نہ آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰـه ! ڇا شان آهي! حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀائرن بعد ۾ توبهہ ڪري ورتي هئي، اهي سڀ هڪ نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جا پٽ ۽ هڪ نبي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جا ڀائر ۽ سڀ وليُ الله هئا پر غور تہ فرمايو! هنن ڪين ڪيترا ڏک پهچايا هئا، ان جي باوجود حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪمال اخلاق ڏسو! پاڻ وٽ طاقت هئي، پاڻ عزيز مصر (يعني مصر جا بادشاهہ) هئا، پاڻ چاهين ها تہ انهن کان بدلو وٺي سگهيا پئي پر پاڻ انهن کي معاف فرمائي ڇڏيائون.

لهٰذا اسان کي بہ همت ڪرڻ گهرجي! اڄ همت ڪنداسين، پنهنجي انا کي مٽائي، صبر جو ڍڪُ پي ناراضيون ختم ڪنداسين، صلح طرف وڌنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون ڀلائيون نصيب ٿينديون.

## صلہءِ رحمي جا 10 فائدا

حضرت ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صلہءِ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: (1) الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي (2) ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي (3) فرشتن کي مسرت ٿيندي آهي (4) مسلمانن طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي (5) شيطان کي ان ڪان رنج پهچندو آهي (6) عمر وڌندي آهي (7) رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي (8) فوت ٿي ويل ابا ڏاڏا (يعني مسلمان والدين) خوش ٿيندا آهن (9) پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي (10) وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڇو تہ ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن.[1]

الله پاڪ اسان کي صلہءِ رحمي ڪرڻ وارو، رشتا جوڙڻ وارو، ماڻهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي. صلہءِ رحمي جو وڌيڪ ذهن بڻائڻ ۽ ان جي فضائل ۽ فائدن وغيره جي تفصيلي معلومات لاءِ امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دامت برڪاتهم العاليہ جو نهايت خوبصورت ۽ مختصر رسالو هتوهٿ پڪيءَ سان صلح ڪري ورتي پڙهي وٺو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): زمين ۾ فساد پکيڙڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! ماڻهو کي رحمت کان محروم ۽ بي وقعت بڻائي

1...تنبيہ الغافلين، باب صلة الرحم، صفحہ:74 خلاصةً۔

ڇڏيندڙ ٽيون عيب آھي: زمين ۾ فساد پکيڙڻ. ان جون گھڻيون صورتون آھن: قتل و غارت گيري، ڦر لٽ، چوري چڪاري، گار گند، جھيڙا ڪرڻ، اغوا جو تاوان، ڌوڪو ڏيڻ، ماپ تور ۾ گھٽتائي ڪرڻ، نفرتون پکيڙڻ وغيره سڀ زمين ۾ فساد جون ئي صورتون آھن ۽ انھن ۾ ھڪ تمام خطرناڪ صورت گناھن کي رواج ڏيڻ بہ آھي.

عام طور تي ماڻھو قتل و خونريزي، ڦر لٽ ۽ چوري چڪاري ناھن ڪندا، اھڙا ظالم ماڻھو ھزارين ۾ ڪجھ ھوندا آھن پر گناھن کي رواج ڏيڻ يا ان جو سبب بڻجڻ، گناھ يا گناھن جا موقعا ايجاد ڪرڻ عام ٿي ويو آھي. ۞ والد گھر ۾ گانا ٻڌندو آھي، ڇا سندس اولاد گانا نہ ٻڌندي؟ ۞ والد گھر ۾ گناھن سان ڀريل چينل لڳرايا آھن ۞ انٽرنيٽ جي استعمال جي سرِ عام اجازت ڏنل آھي، پاڻ بہ انٽرنيٽ جو غلط استعمال ڪندو آھي، اولاد کي بہ موقعا فراھم ڪندو آھي، ڇا اھي گناھن کي رواج ڏيڻ جون صورتون نہ آھن؟ ۞ اھڙي طرح اعلانيہ گناھ ڪرڻ ۽ انھن کي فيشن جو نالو ڏيڻ، جيڪو ان گناھ کي نہ اپنائي، ان کي طعنا ڏيڻ، ان تي طنزيہ جملا چوڻ ۞ دوستن جي سامھون گناھ ڪري انھن کي ان جي عملي ترغيب ڏيارڻ، "ڇڏيو يار ھاڻي نيڪي جو زمانو ناھي! ۞ ڪوڙ ڪان سواءِ ھاڻي گذارو ئي نٿو ٿئي ۞ سودي لين دين نہ ڪريون تہ ڇا بکيا مري وڃون؟۞ مٿان کان ھيٺ تائين ھر جڳھ وياج ئي وياج آھي، اسان ان کان ڪيئن بچي سگھون ٿا؟ ۞ اڄڪلھ ڌوکي بازي سان ئي ڪم ھلن ٿا، ايترا سڌا بڻجي وياسين تہ ڪائينداسين ڪٿان؟ وغيره وغيره جملا اسان وٽ ڇيا ويندا آھن، اھڙي طرح جا جملا ڇئي ٻين کي گناھن تي اڀاريو ويندو آھي، ھي بہ گناھن کي رواج ڏيڻ جي ئي صورت آھي

۞ اهڙي طرح ٽي وي چينلز، يوٽيوب، فيس بڪ، سوشل ميڊيا وغيره ذريعي گناهن کي پروموٽ ڪرڻ، انهن جي ترغيب ڏيارڻ، بي پردگي، طنز بازي، مذاق مشڪري، گانن باجن وغيره کي ماڊرن زماني جي ضرورت قرار ڏيڻ وغيره هي سڀ گناهن کي رواج ڏيڻ جون صورتون آهن جيڪي اسان وٽ عام ٿي ويون آهن.

## زمين ۾ فساد نہ پکيڙيو!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَا تُفْسِدُوْا فِی الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا (سيپارو: 8، الاعراف: 56)

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ زمين ۾ ان جي سڌاري کان بعد فساد پيدا نہ ڪيو

يعني الله پاڪ رسول موڪليا، شريعت جا احڪام بيان ڪري ڇڏيا، نيڪ ڪمن جي دعوت ڏني وئي، گناهن کان منع ڪيو ويو، هاڻي گناهہ ۽ سرڪشي ڪري، بين کي گناهن طرف سڏي زمين ۾ فساد نہ پکيڙيو! (1)

## خير ۽ شر جون چاٻيون

خادمِ مصطفيٰ، صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ ماڻهن ۾ ڪي اهي آهن جيڪي ڀلائي جون چاٻيون آهن ۽ برائي جو تالو آهن ۽ ڪي اهي ماڻهو آهن جيڪي برائي جون چاٻيون ۽ ڀلائي جو تالو آهن، بس خوشخبري آهي ان شخص لاءِ جنهن جي هٿ تي الله پاڪ ڀلائي جون چاٻيون رکيون آهن ۽ هلاڪت آهي ان شخص لاءِ جنهن جي هٿ تي الله پاڪ برائي جون چاٻيون رکيون آهن. (2)

1...تفسير مظهري، پاره:8، الاعراف، زير آيت:56، جلد:3، صفحه:41 ملتقطًا۔

2...جامع صغير، صفحه:210، حديث:2465۔

هن حديثِ پاڪ ۾ 2 قسم جي ماڻهن جو ذڪر آهي **(1):** اهو شخص جيڪو ڀلائي جي چاٻي ۽ برائي جو تالو آهي. علامہ مناوي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمايو: ان شخص جو اهو شان آهي تہ ان کي ڏسي ماڻهن کي نيڪي ياد ايندي آهي، اهو جتي ويندو آهي، نيڪين جي ڌوم مچائي ڇڏيندو آهي، ڳالهائيندو آهي تہ ان جي وات مان نيڪ ڳالهيون نڪرنديون آهن، سوچيندو آهي تہ نيڪي جي ڳالهہ سوچيندو آهي، ان جو باطن بہ نيڪي تي هوندو آهي ايستائين جو جيڪو ٻانهو ان جي صحبت ۾ ويهي، اهو بہ نيڪ بڻجي ويندو آهي.[1] **(2):** ۽ ٻيو اهو شخص آهي جيڪو برائي جي چاٻي ۽ ڀلائي جو تالو آهي يعني اهو ڀهرين واري جي بلڪل ابتڙ آهي، اهو جتي ويندو آهي، برائي جو ٻج پوکيندو آهي، ان جي زبان مان برائي نڪرندي آهي، ان جي هٿ مان برائي ظاهر ٿيندي آهي، ان جي سوچ بہ برائي تي مبني هوندي آهي، مطلب تہ اهو پاڻ بہ برو آهي ۽ ٻين تائين بہ برائي ئي پهچائيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي 2 قسم جا ماڻهو آهن، جيڪو ڀلائي جي چاٻي آهي (يعني نيڪي ڪرڻ ۽ نيڪيون ڦهلائڻ وارو آهي)، ان لاءِ خوشخبري آهي ۽ جيڪو برائي جي چاٻي آهي (يعني پاڻ بہ برو آهي ۽ برائي ئي ڦهلائيندو رهندو آهي ، ان جي عمل سان، ڪردار سان، ڳالهين سان ٻين کي برائي جي ترغيب ملندي آهي)، ان لاءِ هلاڪت آهي. هاڻي اسان غور ڪري ڏسون تہ اسان جو شمار ڪنهن ۾ ٿئي ٿو، اسان کي ڏسي ماڻهو برائي سکندا آهن يا اسان جي ذريعي ڀلائي ڦهلجندي آهي ؟ جيڪڏهن اسان هلاڪت کان بچڻ چاهيون ٿا، الله پاڪ جي حضور، پنهنجي گهر ۾، معاشري ۾ پنهنجي

---

1...فيض القدير، جلد:2، صفحہ:528، زيرِ حديث:2465۔

ڪجھ وقعت ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته ان لاءِ پنهنجي زندگي جو هڪ اصول ٺاهي ونون ته اوهان جي ذريعي ڪڏهن به ڪنهن کي به ڪنهن به قسم جي برائي جي ترغيب نه ملي، اوهان جون ڳالهيون، اوهان جو عمل، اوهان جو ڪردار، اوهان جي چال ڍال، انداز، طور طريقا صرف ۽ صرف ڀلائي تي مبني هجن

*Don't be the key to evil be a lock*

برائي جي چابي نه پر تالو ٿيجو!

## بيان جو خلاصو

ڪلام جو خلاصو هي آهي ته اهي ماڻهو جيڪي قرآن ڪريم پڙهي به هدايت نٿا حاصل ڪري سگهن، جيڪي نقصان ڪٽڻ وارا آهن، اللّٰہ پاڪ جي رحمت کان محروم رهڻ وارا آهن، انهن جا 3 وڏا عيب آهن: (1) اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪندا آهن (2) رشتا ٽوڙيندا آهن (3) زمين ۾ فساد ڦهلائيندا آهن. اسان الحمد لله! مسلمان آهيون، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا آهيون، اسان کي انهن ٽنهي عيبن کان بچڻو آهي، جيڪڏهن ائين ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اللّٰہ پاڪ جي رحمت جا حقدار بڻجنداسين، دل روشن ٿيندي، دل ۾ نورِ ايمان لهندو ۽ اللّٰہ پاڪ چاهيو ته دل سڌي رستي تي رهندي. اللّٰہ پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دارالافتاء اهلسنت ايپلي ڪيشن

دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: (Dar-ul-Ifta Ahlesunnat) (دارالافتاء اهلسنت).

هي ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS تان آساني سان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مختلف موضوعن تي پڇيل سوالن جا جواب آڊيو، ويڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن ۽ احڪامِ تجارت ۽ فرض علوم ڪورس ۽ تجارت ڪورس بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: نمازِ عشاء جي وتر ۾ معروف دعاءِ قنوت ئي پڙهڻ سنت آهي.

وضاحت: هي مسئلو ٿورو وضاحت طلب آهي، توجهہ سان سمجهي وٺو! نمازِ وتر جي ٽين رڪعت جي قيام ۾، قراءت ڪان پوءِ ڄڃهن اسين تڪبير چئي هٿ مٿي ڪري ٻيهر ٻڌندا آهيون، ان ڪان پوءِ دعا پڙهڻ واجب آهي. ان موقعي تي اسان ڪا بہ دعا (عربي ۾) پڙهي وٺون تہ واجب ادا ٿي ويندو. البتہ! خاص دعاءِ قنوت (يعني اَللّٰھُمَّ اِنَّا نَسْتَعِیْنُكَ واري دعا) پڙهڻ سنت آهي.[1] اسان وٽ هن حوالي سان ڪجهہ غلط فهميون پيدا ٿيل آهن. ڪي ماڻهو جن کي دعاءِ قنوت نٿي اچي، اهي پريشان ٿي رهيا هوندا آهن تہ اسين وتر ڪيئن ادا ڪريون، انهن لاءِ عرض آهي تہ ان جاءِ تي ڪا بہ دعا پڙهي وجي يا 3 دفعا اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی ئي پڙهي وٺون، تڏهن بہ واجب ادا ٿي ويندو.[2] ان سان گڏ هي بہ ياد رکو! تہ ان جي عادت بڻائي وٺڻ ۽ اصل جيڪا دعاءِ قنوت آهي ان کي ياد ئي نہ ڪرڻ هي

1...ردالمحتار على الدرالمختار، كتاب الصلاة، جلد:2، صفحہ:200 ـ
2...فتاویٰ رضويہ، جلد:7، صفحہ:485ـ

درست ناهي چاڪاڻ تہ وتر ۾ هن مقام تي خاص اها ئي دعاءِ قنوت يعني اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ واري دعا پڙهڻ سنت آهي. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا وَاسِعُ

جنهن کي وچون ڏنگي تہ هو 70 دفعا يَاوَاسِعُ پڙهي دم ڪري، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زهر اثر نہ ڪندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]…مدنی پنج سوره، صفحہ:252۔